SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 2001

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2001

## سنڌ شهري سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2000

## THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) ORDINANCE, 2000

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا رد ڪرڻ

Cancellations of allotments, conversions and exchanges

4. نقصان جو ڪاٿو

Assessment of loss

5. الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا کي پڪو ڪرڻ

Regularization of allotments, conversions and exchanges

6. قاعدا

Rules

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريہ 2001
# SINDH ORDINANCE NO.III OF 2001
## سنڌ شهري سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2000
## THE SINDH URBAN STATE LAND (CANCELLATION OF ALLOTMENTS, CONVERSIONS AND EXCHANGES) ORDINANCE, 2000

[3 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي گهٽ اگهن تي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي يا پابندي دوران حاصل ڪيل شهري سرڪاري زمين يا رهائشي، ڪمرشل يا صنعتي مقصدن لاءِ منظور ڪيل ڪجهہ زمينن جي الاٽمينٽ، منتقلي يا مٽا سٽا رد ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ گهٽ اگهن تي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندي يا پابندي دوران حاصل ڪيل شهري سرڪاري زمين يا رهائشي، ڪمرشل يا صنعتي مقصدن لاءِ منظور ڪيل ڪجهہ زمينن جي الاٽمينٽ، منتقلي يا مٽا سٽا رد ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا پهرين جنوري 1985 يا ان ڪانپوءِ ان سلسلي ۾ ڪئي وئي آهي.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ شهري سرڪاري زمين (الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا رد) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جنوري 1985 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) "الاٽمينٽ" مطلب شهري سرڪاري زمين جنهن جي رهائشي، ڪاروباري يا صنعتي مقصدن لاءِ ليز يا گرانٽ ڪئي وئي هجي؛

(ii) "ڪميٽي" مطلب هن آرڊيننس تحت مقرر ڪيل ڪميٽي؛

(iii) "منتقلي" مطلب شهري سرڪاري زمين جي ڪنهن مقصد لاءِ منتقلي سواءِ ان مقصد جي جنهن لاءِ اها الاٽ ڪئي وئي هئي؛

(iv) "مٽا سٽا" مطلب شهري سرڪاري زمين جي ڪنهن ٻي سرڪاري زمين يا ٻي زمين سان مٽا سٽا؛

| | |
|---|---|
| (v) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛ | |
| (vi) "بازاري اگهه" مطلب شهري سرڪاري زمين جو الاٽمينٽ، منتقلي يا مٽا سٽا ڪرڻ وقت بازاري اگهه. | |
| 3. جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون يا ڪنهن معاهدي يا فيصلي يا عدالتي حڪم جي متضاد نه هجي، پر هن آرڊيننس جي گنجائشن موجب هجي، الاٽمينٽس، منتقليون ۽ مٽا سٽا يا حاصل ڪيل شهري سرڪاري زمين يا رهائشي، ڪاروباري يا صنعتي مقصدن لاءِ قانون جي پيچڪڙي ڪندي بازاري اگهه کان گهٽ قيمت تي يا پابندي دوران ڏنل زمين پهرين جنوري 1985 کان رد ٿي ويندي. | الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا رد ڪرڻ<br>Cancellations of allotments, conversions and exchanges |
| 4.(1) حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪري سگهي ٿي. | نقصان جو ڪاٿو<br>Assessment of loss |
| (2) جتي ڪميٽي اهڙي انڪوائري ڪرڻ کانپوءِ جيئن اها مناسب سمجهي، مطمئن آهي ته شهري سرڪاري زمين جون الاٽمينٽس، منتقليون يا مٽا سٽا جيڪي حاصل ڪيون ويون آهن يا رهائشي، ڪاروباري يا صنعتي مقصدن لاءِ بازاري اگهن کان گهٽ قيمت تي قانون جي پيچڪڙي ڪندي يا پابندي دوران جاري ڪيون ويون آهن ته اها حڪومت کي پهتل نقصان جو ڪاٿو طئي ڪندي ۽ لاڳاپيل ماڻهو کان مخصوص وقت دوران اهڙي رقم طلب ڪندي. | |
| 5. بازاري اگهن تي ڪيل الاٽمينٽس، منتقلين ۽ مٽا سٽا يا دفعه 4 جي ذيلي دفعه (2) تحت طئي ڪيل رقم جي ادائگي تي اهي مستقل ڪيون ويندیون. | الاٽمينٽس، منتقلي ۽ مٽا سٽا کي پڪو ڪرڻ<br>Regularization |

| | |
|---|---|
| of allotments, conversions and exchanges | |
| قاعدا Rules | 6. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| | **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي** |